DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES



جانورن جي تربيت
جو طريقو

منصوبي جو نالو

ضلعي دادو ۾2022 جي ٻوڏ ستايل ٻهراڙي جي عورتن کي لائيواسٽاڪ، پولٽري ۽ ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ ۽ تربيت وسيلي ڪاروباري صلاحيتون وڌائي کين معاشي طور مظبوط ۽ خود مختيار بنائڻ

منصوبي جو مقصد

ايف آر ڊي پي پاران ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان ضلعي دادو جي خيرپور ناٿن شاھ تعلقي جي ٻوڏ ستايل ، جنهن ۾ ٻکريون، ڪڪڙيون پالينڊڙ ۽ نندا نندا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي ٻوڏ ۾ ٽيل نقصان جي پورائو ڪرڻ ۽ انهن کي بااختيار بنائڻ لاء هي منصوبو جوڙيو ويو آهي

مالي معاونت ڪندڙ ادارو	تعاون ڪندڙ ادارو
ڊزاسٽرس ايمرجينسي ڪميٽي (DEC)	ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان (CIP)

عملدرآمد ڪرائيندڙ ادارو

فاسٽ رُورل ڊولوپمينٽ پروگرام (FRDP)

تحرير

نور نبي پنهور (پراجيڪٽ مينيجر دادو)
۽ ڊاڪٽر محمد عثمان آرائين

ليڪ پاران

هي هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ترقي کي هٿي وٺرائڻ آهي، هن منصوبي جو بنيادي مقصد2022 ۾آيل مها پوڄ دوران هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي ٽيل نقصان جهڙوڪ ٻڪرين ۽ ڪڪڑين جو مري وڃڻ يا ننڍي سطح تي ڪاروبار جي نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ اهڙين عورتن کي بااختيار بنائڻ آهي

پاران: نور نبي پنهور

پراجيڪٽ مينيجر دادو

منصوبي جو تعارف

ايف آر ڊي پي پاران، ڪيئر انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان هي منصوبو 900 گهرائن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي 2022 جي مهاپوڄ ۾ ٽيل نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ انهن کي بااختيار بنائڻ لاء ڪارآمد ٽيندو جنهن ۾ هيٺين طريقن سان مدد ڪئي ويندي

- 300عورتن کي ٻڪريون ڏيڻ ۽ اُن سان گڏوگڏ ٻڪرين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي تربيت ڏني ويندي
- 300عورتن کي آنا ڏيندڙ ڪڪڑيون ۽ اُن سان گڏوگڏ ڪڪڑين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏني ويندي
- 300عورتن کي ڪيش گرانٽ ۽ اُن سان گڏوگڏ ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ وڌ کان وڌ منافع واري ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ جي باري تربيت ڏني ويندي

هن منصوبي سان پوڄ ستايل گهرائن جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن جي بهتري ۽ روزمره جي زندگي معمول تي ايندي ۽ اهڙي ريت پوڄ ۾ ٽيل نقصان جو پورائو ڪيو ويندو

پوڄ ستايل پهراڙي جي هنرمند ۽ ڪاروباري عورتن کي هيٺين شعبن ۾ سهولتون مهيا ڪيون ويندیون جنهن ۾

ٻڪريون پالينڊڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ	ڪڪڑيون پالينڊڙ عورتن جي سهڪار ۽ خودمختيار بنائڻ	گهريلو سطح تي ننڍا ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي سهڪار ۽ خود مختيار بنائڻ
300عورتن کي ٻڪريون مهيا ڪرڻ ۽ ٻڪرين کي پالڻ جي ضروري سامان جي ڪِٽ مهيا ڪرڻ	300عورتن کي آنا ڏيڻ واريون ڪڪڑيون مهيا ڪرڻ ۽ ڪڪڑين کي پالڻ جي ضروري سامان جي ڪِٽ مهيا ڪرڻ	300عورتن کي ڪيش گرانٽ مهيا ڪرڻ
300عورتن کي ٻڪرين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ	300عورتن کي ڪڪڑين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره جي باري ۾ تربيت ڏيڻ	300عورتن کي پنهنجي ننڍي ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت جي تربيت ڏيڻ

منصوبي جو تربيتي جدول

بکرين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ لائيواسٽاڪ جي ڊاڪٽرن طرفان بکرين پالينڊڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ بکرين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

ککڑين پالڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ پولٽري جي ڊاڪٽرن طرفان ککڑيون پالينڊڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ککڑين جي پالنا، بيمارين کان بچاء ۽ ٽڪن وغيره بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

نندن ڪاروبار ڪرڻ وارين عورتن جي تربيت

هن منصوبي تحت ايف آر ڊي پي جي نمائندن ۽ ڪاروباري ڪنسلٽنٽ جي طرفان نندن ڪاروبار ڪندڙ عورتن کي هڪ ڏينهن جي تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ منافع بخش ڪاروبار جي چونڊ ڪرڻ بابت تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي ويندي

بکرين جو تعارف



انسان لاء خوراڪ جي ضرورتن ۾ اضافي جي ڪري بکرين پالڻ جو ڪاروبار هڪ منافع بخش ڪاروبار جي طور تي ابري رهيو آهي
پهراڙي ۽ ڳهريلو سطح تي ڳهٽو ڪري عورتون بکرين جي پالنا ۽ سارسنڀال ڪنديون آهن، جيڪڏهن هنن عورتن کي بکرين جي پالنا جي صحيح ڄاڻ هوندي ته اُهي بهتر طريقي سان بکرين جي سارسنڀال ڪري، ان مان بهتر پيداوار ۽ نفعو حاصل ڪري سگهن ٿيون
مختلف نسلن جون بکريون مختلف مقصدن لاء پاليون ويندیون آهن، جنهن ۾

بکرين جا نسل

سنڌ ۾ عام طور هيٺين نسلن جون بکريون ملنديون آهن

- ڪاموري
- پٽيري
- ٽيڊي
- ناچي
- گلابي



ٽيڊي



ناچي



گلابي



پٽيري



ڪاموري

ٻڪرين کي پالڻ جون ڪجھ ضروري هدايتون

- ٻڪرين کي پالڻ لاء واڙي کي صاف ستڙو ۽ هوادار هجڻ گھرجي
- گرمي ۽ سردي جي موسم کي نظر ۾ رکندي واڙو ٺاھڻ گھرجي
- ٻڪرين جي کاڌي پيتي جو مٽبت ۽ صاف ستڙو بندوبست هجڻ گھرجي
- ٻڪرين جي کاڌخوراڪ سٺي ۽ معياري هڻڻ گھرجي
- ٻڪرين کي روزانو ٿوري دير ٻاھر ضرور گھمائڻ ڦيرائڻ چاڻڻ گھرجي

ٻڪرين جي بيمارين جا ڪجھ اھم سبب

قدرتي طور تي ٻڪرين ۾ بيمارين ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آھن

مثال طور

- صحيح نموني چارو نہ کارائڻ
- سٺي سار سنڀال جو نہ هجڻ
- غير مناسب آبھوا

ٻڪرين ۾ اڪثر ٻن قسمن جون بيمارين ٿين ٿيون

- جراثيمي بيمارين
- وبائي بيمارين

بيمارين کان بچڻ لاء ٻڪرين کي بچاءَ جا ٽڪا لڳرايا وڃن تہ جيئن ٻڪرين کي بيمارين کان محفوظ رکي سگھجي

ٻڪرين جي بچاء جي ٽُڪن جو ٽائيم ٽيبل

بيماري جو نالو	بيماري جو مهينو	ٽڪي جو وقت	ويڪسين جو نالو ۽ ٽڪي جو وزن
رتاوان دَستَ	جنوري ۽ جولائي	جون ۽ ڊسمبر جو آخري هفتو	اِي ٽي وي ويڪسينٽي سي سي چمڙي ۾
نمونيا،ڪلڪيو، ڦڦڑيَ	جون ۽ ڊسمبر	مئي ۽ نومبر جو پھريون هفتو	سي سي پي ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾
ٻڪرين جي ماتا يا سيڑا	مارچ	فيبروري جو آخري هفتو	گوٽ پاڪس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾
ڪاتا	جون ۽ ڊسمبر	مئي ۽ نومبر	پي پي آر ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾
ڪارو واء	سيپٽمبر	آگسٽ جو مهينو	انٽريڪس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾
مُھاڙو/ساماڙھو/مُنھن ڪُر جي بيماري	ڊسمبر ۽ جنوري	آڪٽوبر يا نومبر	ايف ايم ڊي ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾
گل گھوٽو، گَنڊيَ	آگسٽ ۽ ڊسمبر	جولائي ۽ نومبر جو آخري هفتو	ايڇ ايس ويڪسين هڪ سي سي چمڙي ۾

بکرين جي متوازن خوراڪ ۽ اُن جي اهميت

بکرين جي سڻي صحت، وڌيڪ گوشت ۽ کير حاصل ڪرڻ لاءَ لازمي آهي تہ انهن کي وقت تي ۽ متوازن غذا مهيا ڪجي ۽ خوراڪ جانورن جي وزن ۽ گهرج مطابق ڪارائجي. متوازن خوراڪ مجموعي طور تي هيٺين قسمن جي ٿيندي آهي

داڻيدار خوراڪ جهڙوڪ هر قسم جي ان وارا داڻا ۽ ڏارو ، ڪڪڙن جي ڪڙُ، سرنهن جي ڪڙُ وغيرہ



ساوا گاهہ جهڙوڪ باجهري ، جوار، مڪئي، جَوَ، لوسڻ برسيم ،جنتر ۽ ٻيا چاري لاءَ استعمال ٿيندڙ گاهہ وغيرہ



سڪل گاهہ جهڙوڪ ٻُهہ، پلال، سُڪل جوار، مڪائي، باجهري جا ڪانا، سڪل جَوَ، ۽ ٻيرن جا پلڑا وغيرہ



بکرين جي لاءِ راشن

- ڪدڙن جي ڪڙ (Pumpkin Pit)
- تُوريي جي ڪڙ (Rape Seed)
- چؤڪر (Husk)
- گُڙ جو شيرو (Molasses)
- ڪڻي (Rice Husk)
- منرل مڪسچر (Mineral Mixture)

بکرين جي لاءِ پاڻي جو مقدار

بکرين کي هڪڙي ڏينهن ۾ 10 کان 15 ليٽر پاڻي پيئڻ گهرجي



بکرين جي پالڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



بکرين جي پاڻي پيئڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



بکرين جي کاڌو کائڻ جا صحيح ۽ غلط طريقا

صحيح طريقو



غلط طريقو



DISASTERS EMERGENCY COMMITTEE

care

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

ٻڪرين جي گاھ ڪائڻ دوران ڪجھ ضروري هدايتون

ٻڪرين کي گاھ بندر ۾ ڏيڻ گھري
ٻڪرين کي گاھ صاف ستڙو ڏين گھرجي
ڪائڻ دوران رسو گھٽو سوڙھو نہ ھجي
ٻڪرين کي ڪچري وارو ڪاڏو نہ ڏيڻ گھرجي
وٽاڻ جي صبح شام صفائي ڪرڻ گھرجي

thank you!
مھرباني

GET IN TOUCH

www.frdp.org.pk +92 22 2651015 info@frdp.org.pk

House No. B-108 HDA Extension North, Behind City School Qasimabad, Hyderabad, Sindh Pakistan